سخت گير، انتها پسند ۽ رُکو روح سڏڻ سراسر بي انصافي آهي. هن جهڙي دردمند دل رکڻ واري، جاتيءَ جي هڏ ڏوکي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي گهڻگهري جي روح کي رنجائڻ کنهن لاءِ به مناسب نه آهي. ١٩٤٩ع کان وٺي سنڌي ساهت منڊل 'نئين دنيا'، اکل ڀارت ٻولي ۽ ساهت سڀا، سنڌو ڌارا، سنڌو سماچار، سنڌو سنسار جي ميدانن ۾ هن سپهه سالار جيکي قربانيون ڪيون آهن ۽ قدمن جا نشان ڇڏيا آهن، سي نظر ۾ رکندي، مونکي هيءُ مضمون مرزا قليچ بيگ جي ٻن مصرعن سان پورو ڪرڻ گهرجي.

'هتي جا ماڻهو خام، هن جو قدر ڇا ڄاڻن
ٿئي ها روم يا ايران انگلستان ۾ پيدا.

پر نه، هن کي ته وري سنڌي قوم ۾ ئي پيدا ٿيڻو آهي.

هُوَ ڪوڙ جا قلعہ ڈاهڻ لاءِ قلم ڪان تلوار جو ڪم وٺندو آهي، پر ڪير آهي جنهن ان طرح جو عمل نہ ڪيو آهي ؟

'نہ پُڇ مون کان تہ منهنجي ڪِلڪ ڇو تلوار ٿي آهي
وَسائڻ باهہ جا ٽانڊا قلم جي ڪار ٿِي آهي.'

تازو لعل پشپ جو هڪ ليک ٺماهِي رچنا مخزن جي 'موهن ڪلپنا' پرچي ۾ پڙهيم. هڪڙو بہ جملو اهڙو ڪونهي، جنهن مان فساد جِي بانس نہ اچي يا پنهنجي گهري متر موهن ڪلپنا جِي حجامت ڪيل نہ هجي ۽ اهو سڀ هن صاحب- قلم جي سرڳواس ٿيڻ بعد ڪيو آهي. ٻيو مثال بہ تازو آهي جو مرليڌر جيٽلي جهڙي ودوان ساهتڪار ليلارام روچنداڻيءَ تي لکيل گارگند وارو ليک آهي جو 'ڪرٽو' مخزن ۾ ڇپيو آهي. مونکي اي. جي. اُتم جي لکيتن ۾ اهڙو ڪڙو ڪسارو ۽ تيزابِي جملو ڪڏهن بہ نظر نہ آيو آهي. ڪڏهن ڪڏهن سچ چوندي هو سخت گير رهيو آهي ۽ پنهنجن مجيل اُصولن لاءِ انتهاپسند بہ رهيو آهي ۽ ڪن سان رُکو روح بڻجِي رهيو آهي، پر جيڪڏهن اهڙا تکا ۽ تيز حملا اٺ دفعا ڪيا هوندائين تہ سورهن دفعا وري همعمرن ۽ سرگرم اديبن ۽ ڪاريہ ڪرتائن کي شاباس بہ ڏيندو آهي ۽ سندن جَسُ ڳائيندو آهي. 'شاباس ساٿيو!.... اڃا بہ اڳتي !' سندس تڪيہ ڪلام آهن. جيڪو ماڻهو ايتري قدر جس ڏئي ۽ شاباس ڏئي، اُهو جي ڪٿي تيز ۽ تکو بہ ٿئي ۽ حق جِي طرفداري ڪندي سخاوت ڪرڻ ۾ ڪنجوس بڻجِي پوي تہ هن کي